

## بصر واپرائڻ

سيني اِنسانن ۾ ستو، رجو ۽
تمو ٽــي گڻ آهن ۽ مايا جي آڙ
هيٺ اچي، اسين پنهنجو ست چت
آنند سروپ وساري، پاڻ کي هي
سرير سمجهي رهيا آهيون، ۽ اُئين ئي چئي رهيا آهيون
ته اسين ڪري ۽ ڀوڳي رهيا آهيون، يعني ڏکن ۽ سکن
۾ ڦاٿيهي پاڻ کي اگيان وچان ڦاسائي رهيا آهيون. اِنهي
اگيان کان ڇوٽڪاري پائڻ جو اُپاءُ ڪهڙو آهي؟

اُپاءُ صرف هڪڙو ئي آهي، ستگوروءَ جي چرڻن ۾
وشواس، پريم، ڀڳتي ۽ شيوا. شري سائين بابا، ايشور
جو اوتار هوندي به، هميشه چوندا هئا ته "مان ايشور
جو داس آهيان." اوتار هوندي به، هن ست سنگين
اگيان پنهنجي عملي حياتيءَ جا مثال پيش رکي ڏيکاريو
ته پنهنجي ڪرتويه ۽ فرض جي پالنا ڪئن نباهڻ گهرجي.
هن ڪڏهن به ڪنهن جي نه گلا ڪئي، نه ڪنهنکي
هاڃي پهچائي، نه ڪنهنجو اُنادر ڪيو ۽ نه وري ڪڏهن
چيو ته مان اُنالحق يا سوهم يعني اُهو ايشور آهيان.
سندن زبان تي الله مالڪ جو جاپ هوندو هو ۽ چوندا

هئا ته مان الله مالڪ جو داس آهيان. اسان جا ڪي شپ ڪرم جاڳيا هئا، جو اسان شري سائين بابا جي شرڻ ۾ آياسين ۽ سندن ليلائون ۽ اُپديش ٻڌڻ جو اسان کي آتم موقعو مليو.

هڪ يوڳ ابياسي، نانا صاحب چندورڪر سان گڏجي شرڊيءَ ۾ آيو. هن پاتنجلي يوڳ سوترن ۽ ٻين شاسترن ۽ گرنٿن جو چڱو ابياس ڪيو هو، ليڪن آتم انڀوتي کان ڏي هيس. سندن من اهڙو چنچل هو، جو ٿورو وقت به سماڌيءَ ۾ ويهي ڪين سگهندو هو. سائين بابا جي ساراهه ٻڌي، هو سندن ڪرپا هٿ ڪرڻ ۽ من جي ايڪاگرتا حاصل ڪرڻ لاءِ ئي، مسجد ۾ آيو، ته سائين بابا کي روٽي ۽ بصر کائيندو ڏٺائين.

يڪدم دل ۾ خيال آيس ته بصر کائڻ وارو هي شخص، منهنجون شنڪائون ڪئن دور ڪري سگهندو ۽ منهنجي من کي ايڪاگر ڪئن ڪري سگهندو؟ انترجامي باباجن، هن جي من جي شنڪا پروڙي چيو ته "او نانا، جنهن کي بصر کي ڀسم ڪرڻ جي شڪتي هجي، اُن کي کائڻ کپي. ٻين کي بصر کائڻ نه کپي."

يوگي اهي اکر ٻڌي انترجامي سائين جن جي چرنن ۾ ليٽي پيو ۽ آتم سمرپڻ ڪري، ڪجھ وقت شڌ ۽ نشڪپٽ ڀاو سان، باباجن جي شيوا ڪري، پنهنجي من جون ڪنڌايون باباجن اڳيان رکي، اُنهن کي حل ڪرڻ جا اُپديش ٻڌي،



شري سائين بابا مسجد مـــان لهندي ڏانهن
سائين سان وڃي رهيو آهي.

دل جي سک ۽ سنتوش پراپت ڪري، پوءِ باباجن جي آڳيا ۽ ”اُدي پرساد“ وٺي، پوءِ شرڌيءَ مان ويو.

## نانگ جي ڏنگيل ڀڳت شاما جي عجيب دوا ڪرڻ

پاليل طوطو ۽ اَگياني اِنسان ٻئي هڪجهڙا آهن ڇو ته پاليل طوطو پڃري ۾ بند رهي ٿو ۽ اگياني اِنسان سوڀر جي پڃري ۾ بند يا ٻڌل رهي ٿو. پر جيڪڏهن هري ڪرپا سان، اِنسان کي ستگورو ملي وڃي ۽ هن جون گيان اکيون کولي کيس بندڻ مڪت ڪري ته هن جي جيون گيان ميه ٿي پوي.

هڪ دفعي شاما ڀڳت کي، هٿ جي آڱر ۾ نانگ چڪ پاتو ۽ زهر چڙهي وڃڻ ڪري، سڄي سريرَ ۾ ڏاڍي پيڙا اُٿيءُ ڪيائين ۽ سمجهائين ته مؤت جاڻ آيو. سندس دوستن جي مرضي هئي تہ شاما کي ڀڳوان وٺوبا وٽ ڪٺي وڃون، ڇو جو اُتي دوائن جهاڙن وغيره جو بندوبست هو پر شاما اِنڪار ڪري، مسجد ۾ وينل ڀڳوان وٺوبا يعني سائين بابا وٽ ڊوڙندو ويو. باباجن کين ايندو ڏسي، ڇڙٻڻ ۽ گارين ڏيڻ جي عجيب ليلا چالو ڪئي ۽ ڪاوڙ جي چوڻ لڳا ”اَڙي ڊرپوڪ ۽ ڊڄڻا پوڄاري، مسجد ۾ مٿي نہ اُچ، خبردار جي آيو آهين. ڏاڪڻ تان هيٺ لهه.“

باباجن جو ڪروڌي رخ ڏسي شاما دل ۾ چوڻ لڳو ته ”منهنجو گهر ته هيءُ مسجد ئي آهي ۽ منهنجو سهارو پڻ سائين بابا آهي ۽ هميشه سائين بابا، مونکي هتان پيڇائي ڪيي رهيا آهن ته مان هاڻي ڪنهن جي شرڻ وڃي وڃان! مون هي در پڪڙيو آهي اهو ڪڏهن ڪين ڇڏيندس. پوءِ ته ڇا به ٿي پوي.“ سائين چٽي ڏاڪڻ جي هيٺ ويهي رهيو. ٿوري دير ڪانپوءِ جڏهن باباجن جو ڪروڌ لٿو ته شاما مٿي چڙهي اچي باباجن جي سامهون ويٺو ۽ باباجن چيو ”متان ڊڄين. تو جيتري به چنتا نه ڪر. ديالو فقير تنهنجي رکشا اوس ڪندو. وڃي پنهنجي ڪمري ۾ ويهه پر ٻاهر نڪرج نه، مونتي وشواس رکي بي ڊپو ٿي چنتا تياڳي وڃي ڪمري ۾ ويهه.“ وري ٿوري وقت ڪانپوءِ تاتيا پاٽل ۽ ڪاڪا صاحب ديکشت هتان چوائي موڪليائونس ته ”پنهنجي مرضي موجب پوڄن ڪري، ڪمري ۾ پڙهندو رهج. ليٽي يا سمهي نه پئجانءِ.“

شاما باباجن جي موڪليل نياپي تي اکر به اکر عمل ڪيو ۽ ٿوري وقت اندر ئي سور لهي ويس ۽ پاڻ کي بلڪل نيڪ سمجهڻ لڳو. پاٺڪن کي ضرور عجب لڳندو ته باباجن شاما کي ڇو موٽايو؟ جواب - باباجن شاما کي اول چيو ”هٽو، دور هٽ ۽ نيچي اُترو. اهو باباجن جو (۵) اکرو منتر هو، جنهن ۾ نانگ جي

زهر کي ڪوڏ ۾ ڀرجي چيائون تہ ”مٿي وڃ يعني لهي وڃ ۽ دُور هٽ يعني نڪري ٻاهر وڃ ۽ نيچي اُترو يعني مٿي چڙهڻ بدران هيٺ لهي وڃ. مطلب تہ زهر کي شاما جي سرير ۾ نہ ڦهلجڻ جي آگيا ڏنائون. ٻين جهاز وارن يا ٻين مترن جي جهاڙ وڃڻ يا جانور پڙهي يا ٻاٽي پڙهي پيارڻ جو ڪم اصل ڪين ڪيائون سمرٿ سائين بابا ٻنا ٻيو ڪير جو اهڙي عجيب ليلا ڪري ڏيکاريندو!

## پنچات جو ڍنڍورو - ٻڪري جي بليدان جي ليلا

شرڊيءَ ۾ هڪ ڀيري سخت پليگ يا مهاماري جي بيماري اچي پيئي ۽ ماڻهو ڊڄي ويا. شهر جي مکين گڏجي ڍنڍورو گهمارايو تہ شهر ۾ ٻاهران ايندڙ ڪاٺين جي گاڏين کي واپس موڪليو وڃي ۽ (٢) ڪوبہ ٻڪرو بليدان نہ ڪيو وڃي. جيڪو ائين نہ ڪندو تنهن تي پنچات طرفان ڏنڊ وڌو ويندو. باباجن کي انهيءَ ڍنڍوري جو پتو پيو. هڪ ڪاٺين جي گاڏي ٻاهران آئي تہ ماڻهو اُن کي واپس ڪرڻ لاءِ ڪٺا ٿي ويا. باباجن کي جڏهن اِها خبر پيئي تہ روبرو وڃي گاڏي واري کي چيائون تہ ”تون اِها گاڏي هلي مسجد ۾ لاهہ، ڌُوڻيءَ لاءِ کپي.“ ڪنهن کي بہ باباجن جي سامهون پوڻ جي

جريمت نه ٿي ۽ گاڏيءَ وارو ڪانيون لاهي پئسا وٺي هليو ويو. مسجد ۾ ڏوٽي ڏيئڻ رات جلدي رهندي هئي ۽ مسجد مان ڪي ماڻهو گهرج پوڻ تي ٽوريون ڪانيون پڻ ڪٽي ويندا هئا، ڇو ته مسجد هر وقت کليل رهندي هئي. باباجن ڪنهن کي به ائين ڪونه چوندا هئا ته ڪانيون ڇو ٿو ڪٽي وڃين. سندن ڪنهن سان ويرو ڀاءُ ڪونه هوندو هو ۽ نڪي ڪنهن سان نفرت ڪندا هئا. مطلب ته پنهنجن جي ڏيارئل ڀنڊوري کي، بيڪار ۽ بي فائدو سمجهي، باباجن اُن جي برخلاف قدم کنيو.

جلدئي هڪ ماڻهو مسجد ۾ ٻڪري جي ٻلي چاڙهڻ آيو. ٻڪرو اهڙو ٻڍو هو جو جڻ ته مري ٿو. اُن وقت ماليگانو جو برڙ فقير پير محمد عرف ٻه ويجهو بيٺو هو. باباجن اُن فقير کي چيو ته "ٻڪرو ڪهي ٻلي چاڙهيو." باباجن اُن فقير کي عزت ڏيڻ خاطر کيس پنهنجي ساڄي پاسي کان ويهاريندا هئا ۽ چلم به ڀرين اُن کي پيئاري پوءِ پاڻ پيئندا هئا. ٻپهرن جي ماني کائڻ مهل به اَول هنکي گهرائي، پنهنجي ساڄي پاسي ويهاريندا هئا ۽ جيڪا به ڀيٽا ايندي هئي اُن مان (٥٠) پنجاهه روپيا هر روز اُن فقير کي ڏيندا هئا. جڏهن فقير موڪلائي ويندو هو ته باباجن کيس اُپرائڻ لاءِ (١٠٠) هڪ سؤ قدم گڏجي ويندا هئا.

هاڻي جڏهن باباجن اُنهي کي چيو ته ”ٻڪرو کهي ٻل چاڙهيو“، ته مسلمان فقير يڪدم چيو ته ”ٻڪرو ٻل چاڙهڻ بيڪار اجايو آهي. مان ڪين ڪهندس.“ ان تي باباجن شاما کي چيو ته ”تون ٻڪرو کهي ٻل چاڙهه.“ شاما يڪدم راڌا مائيءَ جي گهر وڃي، اُتان ڇرو آڻي باباجن جي اڳيان رکيو. راڌا مائيءَ کي جڏهن پتو پيو ته ڇرو ٻڪري کهڻ لاءِ ڪڍي ويو آهي، تڏهن هن يڪدم ٻيو ماڻهو موڪلي، ڇرو واپس گهرائي ورتو. تنهن تي شاما وري ٻاڙي مان ٻيو ڇرو وٺڻ ويو پر دير لڳس. اينتري ۾ باباجن وري ڪاڪا صاحب ديکشت کي چيو ته ”تون ٻڪرو کهي ٻل چاڙهه.“ هو جيتوڻيڪ براهمڻ ڪل جو هو پر ستگوروءَ جي آگيا مڃي، سائي واڙي مان ڇرو آڻي، ٻڪري کهڻ لاءِ تيار ٿيو، جيتوڻيڪ ڪڏهن به حياتيءَ ۾ اهڙو ڪم ڪونه ڪيو هئائين. سڀ ماڻهو عجب کائڻ لڳا ته جنهن ٻڪري کهڻ لاءِ هڪ مسلمان فقير اِنڪار ڪيو آهي ۽ بابا سان شامل راءِ ناهي، انهي ڪاسائڪي ڪم لاءِ سناتن ڌرم جو ڪاڪا صاحب ڪئن تيار ٿيو آهي! ڪاڪا صاحب پنهنجي ڌوتي مٿي ڪري، ڪمر ڪشي ڇرو ڪڍي اُٿيو ۽ باباجن ڪان آخرين آگيا ملڻ جي اِنتظار ۾ بيٺو. باباجن يڪدم چيو ته ”ڪهڙو ويچار ڪري رهيو آهين. ٻڪري تي ڇرو ڪهاءِ.“ ڪاڪا صاحب ٻانهن

مٿي ڪري، جنهن ڇرو ٿي وهايو تہ باباڄن چيس تہ ”جهل جهل – تون ڪهڙو نہ دشٽ پاپي آهين. براهمڻ تي ڪري، ڪاسائيءَ جو ڪم ڪري رهيو آهين!“

ڪاڪا صاحب ڇرو هيٺ رکي هٿ جوڙي چيو تہ ”اوهان جي آگيا پالڻ سون لاءِ پرم-ڌرم جو ڪم آهي. مان اوهان جو بندو ۽ زر خريد ٻانهو آهيان ۽ اوهان جي حڪم ٻجا آڻڻ لاءِ ٻڌل آهيان. ٻڪري کي مارڻ واجب نہ آهي يا نہ، انهيءَ ۾ منهنجو واسطو ڪونهي، منهنجو فرض آهي بنا ڪنهن بہ سوچ ويچار جي، اوهان جي حڪم جي پيروي ڪرڻ. جي حڪم ڪريو تہ مان ٻڪري بدران پاڻ کي بليدان ڪرڻ لاءِ بہ تيار آهيان.“ آخر فيصلو اِهو ڪيو ويو تہ ٻڪري کي باباڄن جي ساڄي پاسي کان رکيل وهاڻي وٽ آڻيو، آئي ڪنو وڃي. ٻڪري کي جنهن اُتي آڻڻ لڳو تہ اَڌ پنڌ تي ئي ڪري مري ويو ۽ ليلا اِتي ختم ٿي.

ڀڳت ٽن قسمن جا ٿيندا آهن (١) اُتم ڀڳت، جي گوروءَ جي اِڇا کي اَول ئي سهي ڪري پورو ڪري ڇڏيندا آهن. (٢) مڌيم ڀڳت، آگيا ملڻ تي يڪدم پالن ڪندا ۽ (٣) ساڌارڻ يا رواجي ڀڳت، جي گوروءَ جي آگيا کي ٽارڻ جا بهانا ٻيا ڏيندا آهي. پهرين شريڻي (ڏاڪي) جا ڀڳت ڌيرج وارا ۽ جاڳرت ٻڌيءَ وارا، درڍ وشواس قائم رکي، آڌياتمڪ آدرش ڏانهن تکو ئي تکو وڌي،

پرماتما جي بلڪل نزديڪ پهچي ويندا آهن. انهن لاءِ هٺ يوگ، يا ٻين ڪنهن ساڌنائن ڪرڻ جي ڪا به آوشيڪتا (ضرورت ناهي. اهڙي شش تي ستگوروءَ جي ڪرپا سڀني کان زياده ٿيندي آهي؛ ڪن حالتن ۾ هو گوروءَ جي گديءَ جو لائق پڻ بڻجي پوندو آهي.

”من بيچي ستگور ڪي پاس
تس شيوڪ ڪي ڪارج راس.“

گوروائي.

